
ماہوار
سُہٹی
جون ۱۹۷۴ء

معياري ادب پيش ڪندڙ

ماهوار

# سُهڻي

جون ١٩٧٤ع

سال: ٥ . نمبر: ٦

ايڊيٽر

طارق اشرف

ٻانهن ٻيلي

ارشاد حسين قاضي

قيمت: ٣-٠٠

آمريڪا ۾: هڪ ڊالر

سال لاءِ: ٣٠-٠٠

Gul Hayat Institute

سهڻي پبلاشرز
الهندو ڪچو،
حيدرآباد، سنڌ.

**SOHNI** PUBLISHERS
WEST KUTCHA
HYDERABAD, SIND.

# ترتيب


پنهنجي طرفان.... طارق اشرف ٣

## تاثر، ڪهاڻيون ۽ خاڪو

هيڏي باندي، هيڏي پستي ناصر مورائي ١٣

بگين وارن جي هڙتال نجم عباسي ١٩

سڌ نہ سورن جي بيدل مسرور بدوي ٣١

چاڪاڻ جو اسين غريب آهيون جوئان رافو

---

الطاف شيخ ٤٣

طارق اشرف منهنجي نظر ۾ لال ٤٨

## سياسي انٽرويو

عزيزالله شيخ طارق شرف ٥٣

## تنقيد ۽ رايا

پڙهندڙن جا خط پڙهندڙن وٽان


Gul Hayat Institute

سيئي حق ۾ واسطا قائم

---

طارق اشرف، سيد سليم شاهه جي پاران، سهڻي پرنٽرس، الهندي ڪچي، حيدرآباد سنڌ، مان ڇپرايو.

هنجي خلاف ڏني. وڏي ڪارڻ اهو ٻڌايائون ته هن ون يونٽ خلاف ڪم ڪيو هو. انهيءَ ون يونٽ لاءِ، جنهنجي خلاف خود ٽِڪو صاحب به هو.

▲ تازو جميل الدين عالي جنگ اخبار ۾، پنهنجي مضمون ۾ لکيو آهي ته: فقط انهن اديبن کي ورثايو پيو وڃي، جن جو تعلق عليگڙهه يونيورسٽي ۽ گورنمينٽ ڪاليج لاهور سان آهي. ايستائين جو فيض احمد فيض لاءِ ايترو به لکيائين ته: فيض کي مٿي چاڙهڻ ۾ سندس شاعريءَ کان وڌيڪ، گورنمينٽ ڪاليج جو هٿ آهي. سندس مضمون جو مفهوم اهو آهي ته: حڪومت گهٽ اهليت واري شخص کي وڌيڪ اهميت ڏئي سگهي ٿي، جيڪڏهين هو گورنمينٽ ڪاليج جو (يعني پنجابي هجي) ۽ گهڙي گهڙي اهو به لکيو اٿس: اي عوامي لابي تو ڪب جاڳي گي، جيڪڏهن اسين سنڌي اهو لکون ها ته سي- آءِ- ڊي وارا اسان تي پنجاب خلاف نفرت ڦهلائڻ جو الزام هڻي جيل اماڻين ها. پر عاليءَ کي ڪو لهر نه ڪو لوڏو. اهو ماڻهو جيڪو سوشلزم جي خلاف هو، اهو اڄ سوشلسٽ حڪومت ۾ وڏي نوڪري ماڻي پيو. اردو رسالن ۾ نيشنل بئنڪ جا اشتهار عام جام نظر ايندا، پر سنڌيءَ ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ.

▲ زيڊ-اي- سليري پنهنجي مضمونن ۾ ڦير گهير سان حڪومت جي خلاف ڇا مان ڇا لکندو رهي ٿو پر هنجي خلاف ڪو به قدم نٿو کڄي. جنگ اخبار ۾ پنهنجي ڪالم ۾، ڪهڙي نموني سان زهر اوڳاڇيندو آهي. تازو ٥ مئي واري اخبار ۾ سڄو زور هيرائي ڦيرائي انهيءَ ڳالهه تي آهي ته جيسين پاڪستان ۾ پنجابي، بلوچي، سنڌي ۽ پٺاڻ هوندا، تيستائين اتحاد جو هئڻ ممڪن ئي ڪونهي، انهن کي هڪ ٿيڻ گهرجي، مطلب ته چار صوبن سان مسلم يڪجهتي ٿي نٿي سگهي. جنهن مان ٿي نٿي سگهي ته پوءِ ظاهر آهي ون يونٽ نهي.

▲ ١٧ مئي جي 'جنگ' ۾، سليري صاحب موجوده حڪومت لاءِ لکي ٿو: 'هڪ پاسي ته بنگلا ديش کي منظور ڪرڻ لاءِ اسلام جو نالو ٿا وٺن.... پر پاڪستان ۾ سوشلزم جي تبليغ پئي ٿئي.' (جڇ

Gul Hayat Institute

هيڏي بلندي، هيڏي پستي (تاثر)
ٻگين وارن جي هڙتال
سڌ نہ سورن جي
چاڪاڻ جو اسين غريب آهيون (اسپيني ڪهاڻي)
طارق اشرف منهنجي نظر ۾ (خاڪو)

## ڪهاڻيون

ناصر مورائي
نجم عباسي
بيدل مسرور ٻدوي
جوڳان زلفو

---

الطاف شيخ

لال

Gul Hayat Institute

ناصر موراڻي

# هيڏي بلندي، هيڏي پستي

”حيدرآباد ٽيليفون ڪرڻي اٿم. اجازت آهي؟“
”ڀلي ڪر .... ڪنهن کي ٿو فون ڪرين؟“
”طارق کي....“
”اخبار نه پڙهي اٿئي ڇا!“
”ڇو خير! طارق گرفتار ٿي ويو ڇا!“
”ها، ڪالهه طارق کي گرفتار ڪيو اٿن. ڊي-پي- آر هيٺ.“

مونکي اڳ ئي خبر هئي ته طارق کي گرفتار ڪيو ويندو. فبروري مهيني کان اهي امڪان هئا ته ڪيس گرفتار ڪيو ويندو. طارق جي آڏو ٻه رستا هئا، جيل يا سوديبازي، ڀلا ڏسو عوامي حڪومت ۾ ڪو تنقيد نهي ٿي. بس عوامي حڪومت آهي. ماڻهن لاءِ اهو ئي ڪافي آهي. هاڻ سائين خليل قاضي پنهنجو ”جمهوريت جو سچ“ لکي ۽ طارق اشرف پنهنجو عوامي اڳواڻن کي چونڊن دوران سندن ڪيل واعدا ياد ڏياري — انهن کي ڪو نهي ٿو. توهان ڇو ته ماڻهن کي ڪپڙو ملي ويو آهي. اٽي ۽ اجهي جو مسئلو حل ٿي ويو آهي. هر شي سستي ۽ سهانگي آهي. چوطرف امن امان آهي. نه چوري آهي نه زوري ۽ نه رشوتخوري. رشوتخور ڪامورا، توبهه تائب ٿي، پنج وقت نمازون پيا پڙهن. ڪلبون ۽ شرابخانا خالي ٿي ويا آهن ۽ مسجدون پرجي ويون آهن. سرڪاري عملدار، عوام جا سچا خادم بڻجيو ٻنهي هٿ ٻڌيو بيٺا آهن. بلڪل حڪم جي دير! ڪنهن غريب جو ڪنهن سرڪاري آفيس ۾ ڪم ڦاٿو ناهي، ته انجو ترت اڪلاءُ نه ٿيو آهي. بس هيڏانهن درخواست ويئي، هوڏانهن غريب جو ڪم ٿيو. سرڪاري عملدار، جيستائين غريبن جي ڪم

هڪ بيان تيار ڪيو آهي تون ان تي.... "

"مان صحيح ڪونہ ڏيندس، مون ڊاڪٽر نجم عباسيءَ کي پہ ٻڌائي ڇڏيو آهي." جليل جو آواز هو.

مونکان ڇرڪ نڪري ويو.

"پر ڏس نہ اسان سنڌي اديبن طرفان....."

"مون لاءِ ائين سمجهہ تہ مان سنڌي اديب ڪونہ آهيان."

"۽ هو سچل جي بغاوت جي جهنڊي ۾ تنهنجو مضبوطيءَ سان قبيل هٿ" مون غصي مان ڪيس چيو.

"اهو منهنجو شخصي معاملو آهي...."

"يعني ملي وارو مڪر...." مون کيس چيو پر هن ان کان اڳ ئي ٽيليفون بند ڪري ڇڏي.

"ابا، مون سچ ٿي چيو تہ توهان اديب...."

امڙ جو آواز آيو، سندس آواز ڳورو هو.

"نہ امان، ائين نہ سمجهہ.... مان تو کي سنڌ جي چوٽيءَ جي اديبن کان صحيحون وٺي ڏيکاريندس. سنڌ جا اديب حق پرست آهن، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ سان هو سدائين جهيڙيا آهن. تون يقين رک...

.... امڙ تون يقين رک.

---

سي - آءِ - ڊي

ـــ پنجاب سي- آءِ- ڊيءَ- انهن مسلمانن نوجوانن تي، جيڪي وطن جي تحريڪ آزاديءَ ۾ حصو وٺڻ ۽ انگريزن جي حڪومت خلاف جدوجهد ڪرڻ ۾ اڳيان اڳيان هئا، انهن تي نہ فقط انتهائي تشدد ڪيو، بلڪ انهن کي جسماني لحاظ کان بيڪار ۽ دماغي طرح لاچار ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي. جيڪو مسلمان نوجوان هٿ چڙهيو، تنهن کي پنهنجو جاسوس بڻائي ورتائون، جنهن تي وس نہ هلين، تنهنکي اهڙيءَ طرح پيهي ڇڏيائون، جو خدا ڏي پناهہ.

**ـــ شورش ڪاشميري**

(پسِ ديوارِ زندان' ڪتاب تان ورتل)

نجم عباسي

# بگين وارن جي هڙتال

لاريءَ مان لٿس. هيڏانهن هوڏانهن نهاريم. هميشه جي ابتڙ، ڪا بگي نظر ڪانه آئي. ڪجهه لوڊنگ لاريون ۽ ٽرڪون بيٺيون هيون. اڏي واريون هوٽلون، ماڻهن سان سٿيل هيون. ڪيترا ماڻهو، بيچينيءَ سان، پنهنجي ٻنهي پاسي واجهائي رهيا هئا. چاچو نورل به نظر ڪونه آيو. مون هنکي پنهنجي اچڻ جو لکيو به هو. نورل منهنجو سڳو چاچو هو ۽ بگي هلائيندو هو.

هڪڙي همراهه کان بگين جي نه هجڻ بابت پڇيم. هن ٻڌايو ته بگين وارن هڙتال ڪئي آهي.

مونکي ڏاڍو اچرج لڳو. اسانجي ڳوٺ جهڙو ننڍو ڳوٺ ۽ هڙتال! ڪوڙو ٿي نه ٿي لڳو.

پر هنيئر اچرج ڪائڻ ۽ ڪوڙو لڳائڻ کان وڌيڪ انهيءَ ڳڻتيءَ اچي ويڙهيو ته ڳوٺ ڪيئن پهچبو؟

منهنجو ڳوٺ، پڪي رستي واري هن لارين جي اڏي کان پنج ميل پري هو. هن وقت منجهند ٿي چڪي هئي ۽ ڪاڙهو وڌندو ٿي ويو. اسانجي ڳوٺ وارو رستو برابر بيحد خراب هو. پر ماڻهو ڏکيو سکيو وڃي پنهنجي گهر پيڙو ٿئي ها.

هي رستو اهڙو خراب آهي، جو حيدرآباد کان هن اڏي تائين ڏيڍ سئو ميل مسافريءَ ۾ ايتري تڪليف، ٿڪ ۽ بيزاري ڪانه ٿيندي آهي، جيتري هنن پنجن ميلن ۾. اهي ڏيڍ سئو ميل پنجن ڪلاڪن ۾ طئه ٿيندا آهن، ته هنن پنجن ميلن لاءِ به ڪلاڪ لوڙڻو پوندو آهي.

رستو ڪچو ۽ ڊسڙ سان ڀريل آهي. ڪٿي کڏون ۽ کوٻا،

ٿي ويو هو. مون هنجي اکين ۾ ڏٺو جن مان ناوڻ جل ڌارا پئي وسي. جن سهڻين اکين جي چوڌاري هلڪا ڪارا داغ پئجي ويا هئا. هنجي روئڻ تي ڊبلو به چپ ڪري روئي رهيو هو. مون ڏٺو، غور سان ڏٺو، مون ڏيان سان ڏٺو، منهنجي اکيان اها شازي ڪانه هئي جنهن مونکي ڌڪاريو هو پر هڪ اها مجبور عورت منهنجي سامهون بيٺي هئي جا پنهنجي ور لاءِ رڙي رهي هئي.

---

## اقبال جا قدردان

— انجمن اتحاد طلبا، گورنمينٽ نيشنل ڪاليج شهيد ملت روڊ (ڪراچي) جي پاران ڪلهه شام جو پنجين وڳي سر سيد هال ۾ اقبال تي هڪ مذاڪري جو اهتمام ڪيو ويو. پر پڌندڙن مان هڪڙو به ڪونه آيو. تقرير ڪندڙن پنجن مان ٻه به نه آيا. جنهنڪري اهو مذاڪرو، بنا شروع ٿيڻ جي ختم ٿي ويو.

(۲۹- اپريل، جنگ)

## قيد ڇا آهي؟

— قيد ڇا آهي انسان جي پنهنجي مرضيءَ جي ٽٽڻ ۽ پرائي مرضيءَ تي هلڻ جو، انسان نه پنهنجي مرضيءَ سان مُرڪي سگهي، نه پنهنجيءَ مرضي سان سمجهي سگهي، نه ئي جاڳي سگهي. نه ڪائي سگهي نه پي سگهي. نه گهمي سگهي، نه اٿي ويهي سگهي ۽ نه ئي ڳالهائي سگهي.

— شورش ڪاشميري

('پس ديوار زندان' ڪتاب تان)

Gul Hayat Institute

جيئن نديءَ جو ڪپرن مٿان اٿل جو گوڙ گڙڪو. ۽ هاڻ هوءَ ڏڪي رهي آهي. ٻوڏ هاڻ وڌي وئي آهي ۽ ان جا ڇنڊا سنڌس منهن تي لڳي رهيا آهن. جيئن ئي هوءَ سڏڪا ڀري ٿي ته سندس ننڍڙيون ڇاتيون هيٺ مٿي ائين ٻپون ٿين جڻ ته اهي سڄي رهيون آهن ۽ سندس خرابيءَ جو آغاز ٿيڻيون.

["ڇاڪاڻ جو اسان غريب آهيون" — اسپيني ڪهاڻيءَ جو مصنف جئان رالفو ڏکڻ امريڪا جي ملڪ ميڪسيڪو جو رهاڪو آهي. هيستائين هن جا فقط ٻه ڪتاب ڇپيا آهن. هڪ افسانن جو مجموعو El- Llano- En- Llamas سن ۱۹۵۴ ۾ هڪ ناول Pedro - Paramo سن ۱۹۵۵ ۾، جيڪي پيچيده بناوت جي باوجود تمام گهڻو مقبول ويا آهن.

---

÷÷

— غريبي قدرت جي خوفناڪ سزا آهي . ۽ غريب قدرت جو خوفناڪ مذاق.

**شورش ڪاشميري**

('پسِ ديوارِ زندان' ڪتاب تان ورتل)

Gul Hayat Institute

÷÷

— ڪوبه ماڻهو بکئي پيٽ تي محب وطن ٿي نٿو سگهي.

**ڊبليو سي- برلن**

عزیزالله شیخ

# سیاسي انټرویو

طارق اشرف

پژهندڼ حا خط

# تنقید ءِ رایا

Gul Hayat Institute

پژهندڼ وڼان

طارق اشرف (انٽرويو)

# عزيز الله شيخ

(سنڌ نعپ جي صدر جناب عزيز الله شيخ کان اهو انٽرويو، طارق اشرف ڇنڇر جي ڏينهن ٻنپهرن جو ساڍين ٽين وڳي کان، ساڍي ڇهين وڳي تائين ورتو. رات جو حيدرآباد موٽي آيو ۽ ٻئي ڏينهن ٧- مئي تي گرفتار ٿي ويو.)

## تعارف

عزيز الله شيخ صاحب ١٢ ڊسمبر ١٩٢٨ع تي غريب آباد - سکر ۾ ڄائو. پرائمري تعليم ميونسپل اسڪول غريب آباد - سکر ۽ سيڪنڊري تعليم نيو.ماڊل هاءِ اسڪول سکر ۾ حاصل ڪيائين. ١٩٥٠ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ايل- ايل- بي ڪري ١٩٥٢ع ۾ اعليٰ تعليم لاءِ انگلنڊ روانو ٿيو. جتان ١٩٥٥ع ۾ بار- ايٽ- لا جي سند حاصل ڪري ١٩٥٦ع ۾ ڪراچي واپس اچي وڪالت شروع ڪيائين. ١٩٥٧ع ۾ سنڌ مسلم لا ڪاليج ۾ ليڪچرار (پارٽ- ٽائيم) ۽ ١٩٦٥ع ۾ انهيءَ پرنسيپال جي عهدي تي مقرر ٿيو. ١٩٧٢ع ۾ جڏهن تعليمي ادارا قومي ملڪيت ۾ ورتا ويا، تڏهن استيعفا ڏيئي وري وڪالت شروع ڪيائين ۽ سياسي قيدين جا ڪيس به هلائيندو رهيو. انهيءَ وقت کان نعپ ۾ شامل ٿي عملي سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين. اينٽي ون يونٽ فرنٽ جيستائين غير سياسي تحريڪ هئي تيستائين ١٩٦٨ع کان ١٩٧٠ع تائين شامل رهيو پر جڏهن سنڌ متحده محاذ ٿيو تڏهن فرنٽ ڇڏي ڏنائين.

ٽئين بار ڪائونسل ١٩٦٥ع موجب جيڪي چونڊون ١٩٦٩ع ۾ ٿيون، ان ۾ شيخ صاحب پهريون سنڌي هو جيڪو پاڪستان

Gul Hayat Institute

بار ڪائونسل جو وائيس چيئرمن ٿيو. ١٩٧٤ع ۾ سنڌ بلوچستان
بار ڪائونسل جو ميمبر ٿيو.

---

پروگرام مطابق هن دفعي حزب اختلاف جي ليڊر جو انٽرويو ڏئي رهيا آهيون. انهيءَ کان اڳ حزب اقتدار مان سنڌ جي وزير **عبدالله بلوچ** جو انٽرويو ڏنو ويو هو. ايندڙ مهيني وري به حزب اقتدار جو وارو آهي.

ڪجهه پڙهندڙن اسانکان پڇيو آهي ته حزب اختلاف مان آهي به هستيون ڪهڙيون هيون، جنڪان اوهان انٽرويو وٺڻ چاهيو، پر انهن ڪان انٽرويو نه ملي سگهيو. هڪ جو نالو وقت اچڻ تي ٻڌائبو، ٻئي جو نالو **ظفرشاهه** آهي، جيڪو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر آهي. اهو اڪيلو ميمبر آهي جيڪو سنڌ جي مفاد لاءِ اڪثر اسيمبليءَ ۾ آواز اٿاريندو رهيو آهي، سندس انهيءَ جذبي ڪان متاثر ٿي سنڌي شاگرد پنهنجي جلسن جي صدارت ظفر شاهه ڪان ڪرائيندا آهن، ۽ مون به اهو سوچي، ته: سنڌ لاءِ اهوئي ماڻهو آواز بلند ڪري رهيو آهي، انهيءَ ڪان انٽرويو وٺجي. خبر پيم ته پاڻ ڪراچيءَ ۾ آهي، فون ڪيم، پاڻ ئي فون ڪنئين، ٻڌايم ته: ”سهڻيءَ لاءِ انٽرويو وٺڻ ٿو چاهيان.“ ڪجهه دير جي خاموشيءَ ڪانپوءِ چيائين، ”ڪهڙي قسم جا سوال پڇندا؟“ چيم، ”عام دلچسپيءَ جا سياسي سوال.“ ٻئي پاسي طويل خاموشي رهي. پڇيم، ”اوهانکي انٽرويو ڏيڻ ۾ اعتراض آهي؟“ چيائين، ”نه نه، اهڙي ڳالهه ڪانهي. پوءِ به ڪهڙي قسم جا سوال هوندا؟“ جواب ڏنم، ”موجوده سياست جي باري ۾ ۽ سنڌ متعلق.“ چيائين، ”ٺيڪ آهي، پر مان سڀاڻي ته ڳوٺ وڃي رهيو آهيان، پندرنهن ڏينهن ڪانپوءِ موٽي ايندس. بلڪل وٺجو.“

ڪجهه دير ڪانپوءِ، مون وري فون ڪئي. چيم، ”سائين، اوهين سڀاڻي ڳوٺ ويندا، جيڪڏهن اها ڳالهه پسند ڪريو ته مان اڄ رات ڪراچي پهچجي، اوهانکان انٽرويو وٺڻ اچان.“ جواب ڏنائين، ”نه ادا، ايترو جلدي نه. مونکي ڪجهه تياري ڪرڻ

Gul Hayat Institute

اسين سوا ٽين وڳي سندس آفيس پهتاسين، اتي اسانجو پراڻو دوست مهر حسين شاه به ويٺو هو، جيڪو اڄڪلهه شيخ صاحب وٽ پريڪٽس ڪري رهيو آهي.

عزيزالله شيخ صاحب سنجيدگيءَ سان پنهنجي سجايل ايئرڪنڊيشنڊ آفيس ۾ ويٺو هو. سندس آفيس ۾ چوڌاري رکيل الماريون قانون جي ڪتابن سان ڀريل هيون. فرش تي ڳاڙهو دبيز غاليچو پيل هو. سندن ساڄي پاسي واري پٽ تي هڪ تصوير ٽنگيل هئي، جنهن ۾ هڪ يوناني ماڻهو، کاٻي هٿ ۾ تلوار ۽ ساڄي هٿ ۾ ميزان جهليل، ڏيکاريل هو. تصوير جي هيٺيان Statue of Justice (انصاف جو مجسمو) لکيل هو.

**سوال:** سياست ۾ بهرو وٺڻ لاءِ اوهان نعپ جي چونڊ ڪهڙي خيال سان ڪئي؟

**جواب:** مون سياست ۾ عملي طور تي ڪڏهن به حصو ڪونه ورتو هو، پر هميشه جمهوريت جي خاطر جيڪي پارٽيون وڙهنديون رهيون، تنجي ليڊرن تي، جڏهن به ڪيس ٿيندا رهيا يا انهن جي ورڪرن تي، ته ١٩٦٢ کان، مون انهيءَ ۾ جيترو مون کان ٿي سگهيو، مون انهيءَ ۾ حصو ورتو آهي. تنهنڪري جڏهن ٢٥ مارچ ١٩٧١ ۾، (اوڀر پاڪستان تي) ايڪشن ڪيو ويو ۽ وري جڏهن ڊسمبر ۾ اوڀر پاڪستان اسان کان جدا ٿي ويو، تڏهن مونکي وڏو صدمو رسيو مون سوچيو ته يا ته مان سياست تي ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيان يا عملي سياست ۾ بهرو وٺان. انهيءَ وقت جيڪي پارٽيون سامهون هيون، تن مان جماعت اسلامي ۽ جمعيت علماءِ پاڪستان ۾ وڃڻ جو ته سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. اُن وقت ترقي پسند پارٽيون ٻه هيون، ۽ ٻنهي جو پروگرام اُنهيءَ وقت ذري گهٽ هڪ جهڙو نظر پئي آيو، هڪڙي 'پيپلس پارٽي' ۽ ٻي انهيءَ کان وڌيڪ پراڻي پارٽي 'نيشنل عوامي پارٽي.' مون ٻنهين جو پروگرام ڏٺو، انهن جي ليڊرن کي مان ذاتي طور سڃاڻان. پارٽي پروگرام جي لحاظ کان، ايمانداري ۽ قرباني ڏيڻ واري ليڊرشپ مونکي نيشنل عوامي پارٽيءَ

۾ نظر آئي، تنهنڪري مان نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيس.

**سوال:** سائين، اوهان اِهو سمجهو ٿا ته نعپ پنهنجو سياسي ڪردار ايمانداريءَ سان ادا ڪيو آهي؟

**جواب:** مان نعپ ۾ انهيءَ وقت داخل ٿيس، جنهن وقت نعپ جي سامهون ڪافي سخت وقت آيو، ۽ مان توهانکي يقين ٿو ڏياريان ته نعپ پنهنجي ڪنهن به موقف ڪان يا اصليت کان نه ڦرندي.

**سوال:** نعپ جا ٻه حصا ڇو ٿيا ۽ انهن جو ذميوار ڪير هو؟

**جواب:** نعپ جا ٻه حصا ڪهڙا....؟ هينئر!؟

**سوال:** نه، شروع ۾ جيڪي ٿيا، ڀاشاني الڳ ٿي ويو.

**جواب:** مان ته شامل ٿيو آهيان دير سان....

**سوال:** اوهان ته هاڻ آيا آهيو اوهانکي مان جي....

**جواب:** تنهنڪري ٿي مان ڪامپيٽنٽ آهيان.

**سوال:** ڀلا توهانجي خيال ۾ نعپ هن وقت پاڪستان ۾ مقبول آهي.

**جواب:** مان سمجهان ٿو ته نعپ ئي هن وقت پاڪستان ۾ اهڙي پارٽي آهي، جنهن لاءِ عوام ڪي عزت آهي. ١٩٦٢ کان وٺي نعپ ون يونٽ ٽوڙڻ جي جيڪا جستجو ڪئي، انهيءَ جستجو جي ڪري ٽن صوبن جي اندر نعپ جي ڪافي عزت هئي ۽ آهي، پر هينئر نعپ جيڪا جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي، ۽ پنجاب ۾ اسانجي جن ليڊرن تقريرون ڪيون آهن، ۽ هنن کي اتان جيڪو رسپانس (Response) مليو ٿو، اهو بلڪل تعجب خيز آهي. موچي گيٽ ۾ لک ڏيڍ جو مجموعو جمع ٿي ويو، هاءِ ڪورٽ جي بار ۾ جڏهن ولي خان تقرير ڪري، وڪيل ڪڏهن به تقرير ڪانپوءِ سوالن بغير ڪنهنکي به ڪونه ڇڏيندا آهن، اڄ تائين هاءِ ڪورٽ جي تاريخ ۾ ڪنهن کي ڪونه ڇڏيو اٿن. ولي خان ئي پهريون ليڊر هو، جنهن کان هاءِ ڪورٽ جي بار ڪو سوال ڪونه ڪيو. تنهنڪري صاحبِ اقتدار حڪم ڪيو ته ولي خان اِنهن ٻن صوبن ۾ نه وڃي، ڇو جو اليڪشن

Gul Hayat Institute

۾ جيڪي سيڪنڊ ڪئٽيگريءَ (Second Category) جا ليڊر هئا، سي ايترو پارٽيءَ کي اڳتي نہ وڌائي سگهيا ۽ هڪڙو طبقو وري مهاجرن جو بہ خاص هڪڙي ڪلاس جو آيو. انهيءَ اچي اختلاف پيدا ڪيا. تنهنڪري بجاءِ پارٽي عوام ۾ مقبول ٿيڻ جي، پارٽيءَ جي اندر ڪشمڪش رهي، تنهنڪري نعپ سنڌ ۾ نہ هلي سگهي ۽ جڏهن اليڪشن جو وقت آيو تہ اها ڪشمڪش جاري هئي، سو انهيءَ ڪري، ۽ اها نعپ جي بدقسمتي آهي جو سنڌ ۾ نہ هلي سگهي.

**سوال:** پلا جي- ايم- سيد وري جڏهن سياست ۾ آيو هو تہ نعپ ۾ شامل ٿيو نہ ٿيو؟

**جواب:** اِها تہ سيد صاحب کي خبر. اِنهيءَ باري ۾ مان ڪجهہ ڪونہ ٿو چئي سگهان. اهو تہ سيد صاحب کان پڇو.

**سوال:** پلا پنجاب ۽ سنڌ ۾ تہ ٺهيو، پر خود سرحد ۾ نعپ کي عام اليڪشن ۾ قطعي اڪثريت حاصل نہ ٿي سگهي. جنهن حالت ۾ عبدالغفار خان ۽ ولي خان سڄي ڄمار سرحد ۾ ڪم ڪيو آهي.

**جواب:** غفار خان جو جيڪو ڪم آهي، سو انهيءَ جو ڪم توهان نعپ ۾ شامل نہ ڪريو. اهو شامل ڪريو خدائي خدمتگار جماعت ۾. نيشنل عوامي پارٽيءَ جو جيڪو ڪردار رهيو آهي سو اچي ۱۹۵۴-۵۵ کان آن ورڊس (On Wards) اڳتي رهيو آهي. هاڻي انهيءَ ۾ عرض هي آهي، تہ سرحد ۾ ۱۹۴۶ کان مسلم ليگ ايڏي مقبول پارٽي رهي آهي، جو ان جي مقابلي ۾ ٻي ڪا پارٽي هئي ڪانہ. خود خدائي خدمتگارن کي انهي مقابلي ۾ سيٽ وڃائڻي پئي. تنهن ڪانپوءِ ذهنن کي جيڪو خراب ڪيو ٿو وڃي تہ: هي (نعپ) ملڪ دشمن آهن. صوبائي خودمختاري معني ملڪ آزاد ڪرائڻ تا گهرن ۽ هنن (نعپ وارن) کي جيلن ۾ رکيو ويو ۽ ذهنن تي جيڪو خراب اثر وڌو ويو آهي انهيءَ جي صفائي پيش ڪرڻ لاءِ موقعو ڪونہ ڏنو ويو. تنهن ڪانپوءِ اوچتو پيو مارشل لا آيو، ۽ ٻي مارشل لا ۾، پهرين اليڪشن ۾، اسانکي موقعو مليو. تنهن مطابق مان سمجهان ٿو تہ نيشنل عوامي پارٽيءَ جو،

Gul Hayat Institute

راضي نامون ڪيان، نه ته هي اڳتي وڌي ويندا. پر هنن جو راضي نامون تڏهن ٿيو، جڏهن ون يونٽ ٽٽو. توهان جيڪي به هنن جون تقريرون ڪڍو. جنجي ڪري هنن کي سزائون آيون، جيلن ۾ ويا. تقريرن جو موضوع هڪڙوئي هوندو. صوبائي خودمختاري، ون يونٽ ٽوڙڻ، تنهنڪري اهو چوڻ غلط آهي. باڪ مان اهو عرض ڪندس ته مارچ ١٩٦٧ کان پهريان سنڌ جي اندر ون يونٽ جي خلاف ڪا تحريڪ هئي ڪانه. جي هئي ته ايڏي موثر ڪانه هئي. جڏهن نوجوانن جي مٿان اهو ظلم ٿيو، تنهن کانپوءِ ون يونٽ جي خلاف تمام جوش سان تحريڪ اڀري آئي. تڏهن اها تحريڪ وڃي بلوچستان ۽ فرنٽيئر جي مقابلي ۾ بيٺي. باقي اوپر پاڪستان وارا ون يونٽ واسطي ايترو نه، جيترو صوبائي خودمختياري واسطي پيا ڪن ۽ اتي، جيڪا بنگلاديش ۾ تحريڪ هلي پئي، سو اڪثر ان ۾ حصو نعپ ورتو هو. ون يونٽ جي ٽوڙڻ جو نعرو جيڪڏهن بنگلاديش ۾ لڳي پيو ته اهو ڪو عوامي ليگ ۽ مسلم ليگ ته ڪانه پيئي هئي. جنهن به صوبي ۾ نعپ جو اثر رهيو، اتي هن ون يونٽ خلاف نعرو هنيو آهي. ڪم نصيبيءَ سان، سنڌ ۾ سيدصاحب جي رٽائر ٿيڻ ڪري، جيڪا سيڪنڊ ڪئٽيگري آئي، سا پارٽيءَ پروگرام تي عمل ڪرڻ جي بدران پاڻ ۾ وڙهي پيا. نه ته سڄي ملڪ ۾، ون يونٽ ٽوڙڻ جو نعرو سڀ کان اڳ، نعپ هنيو آهي.

**سوال:** نعپ جي منشور ۾ آهي ته پاڪستان جي صوبن جون زبانون، پاڪستان جون قومي زبانون ٿينديون، پر (نئين) آئين ۾ جڏهن فقط اردوءَ کي قومي زبان جو درجو ڏنو ويو ته اوهانجي پارٽيءَ صوبن جي زبانن کي قومي زبانن جو درجو ڏيڻ لاءِ ڇو ڪونه زور ڀريو.

**جواب:** اسانجي پارٽي جي پروگرام مطابق پاڪستان ۾ چار قومي زبانون آهن. سنڌي، بلوچي، پنجابي ۽ پشتو ۽ هڪڙي رابطي جي زبان سا اردو. اسين انهيءَ موقف تان اڄ تائين نه ڦريا آهيون هي سوال اوهان مونکان سنڌ جي طرفان پڇيو آهي. ۽ اهڙي شڪايت اڪثر ڪئي ويئي آهي. مهرباني ڪري (ڏسو) اسيمبليءَ ۾، جن

آئين پاس ڪيو آهي، ڏنهن سو مان نعپ جا ٻن صوبن مان فقط ست ميمبر هئا. سنڌ مان مهاجرن کان سواءِ سترهن سنڌي ميمبر هئا. پر مون ڪڏهن به ٻڌو يا پڙهيو ڪونهي ته واضح طريقن سان انهن سنڌي ميمبرن جي خلاف ڪنهن رسالي لکيو آهي يا آواز بلند ٿيو آهي ته انهن (سنڌ سان) غداري ڪئي آهي. پر جنهن به سنڌي نوجوان ڪي ڪاوڙ اچي ٿي، اهو نعپ کي ڪچيءَ مان پڪڙي ٿو. منهنجي سامهون هي ڪاغذ پيا آهن، مان تفصيل اوهانکي ٻڌايان ٿو. اسان اسيمبليءَ ۾ صوبائي خودمختياري لاءِ، جمهوريت لاءِ، زبان لاءِ آواز اٿاريو. ۽ اسانجو مقابلو ڪنهن ڪيو؟ سنڌ جي نمائيندي. مونکي سنڌي نوجوانن تي ڪيل ايندي آهي ته اهي نعپ جي گلي ۾ هٿ وجهن ٿا، جنهنجي نمائندگي صرف سرحد ۽ بلوچستان ڪن ٿا. پر جنکي پاڻ چوندي اٿن (انهن کي ڪجهه نٿا چون) اها منطق مونکي سمجهه ۾ نٿي اچي. اوهانجي سوال جي جواب ۾ ٻڌايان ٿو ته عبوري آئين جنهن وقت ٺهيو ٿي، اسانجو انهن (پي-پي-پي) سان معاهدو ٿيو هو، جنهن ۾ اهو فيصلو ٿيو هو، فيبروري ۱۹۷۲ع تي عبوري آئين لاءِ اسين پنهنجا (نعپ ۽ پي‌پي‌پي) ڊرافٽ هڪ ٻئي کي ڏينداسين. انهن جو چوڻ هو ته صدارتي نظام ٿئي، پر اسان پارليامينٽري نظام تي زور ڀريو. ۱۹۳۵ع جي ايڪٽ مطابق ڊرافٽ تيار ڪيو ويو. انهن جو چوڻ هو ته ۱۹۶۲ع جي ايڪٽ مطابق ڪيو، جيڪو ايوب خان وارو صدارتي نظام هو. پر اسان سندن ڳالهه نه مڃي ۽ ڊرافٽ تيار ڪري موڪليوسين. هنن به پنهنجو ڊرافٽ ڪري موڪليو. اسان جيڪي ترميمون ڪيون، اهي انهن تي رضامند ٿيا. انهيءَ ۾ چار قومي زبانون ۽ اردو رابطي جي زبان هئي. پيرزادي صاحب ۽ قصوري صاحب انهيءَ کانسواءِ چيو ته اسان هائرليول (Higher Level) جي ميٽنگ سڏيون ٿا. انهيءَ جو فيصلو ٿي ويندو. اها هائر ليول جي ميٽنگ ڪڏهن ڪانه ٿي. عبوري آئين مسلط ڪيائون. نعپ اسيمبليءَ مان واڪ آئوٽ ڪيو. انهيءَ کانپوءِ (نعپ جي) مرڪزي قيادت مونکي حڪم ڪيو ته سنڌ ۾ هر جاءِ تي وڃي ٻڌاءِ ته پي‌پي‌پي صوبائي خودمختياري، زبان، جمهوريت ۽ ٽيڪسن جي معاملي ۾ ڪيترو نقصان پهچايو آهي. سنڌ جو عوام

Gul Hayat Institute

نٿي ڪري سگهي. پنهنجو صاحب حڪومت ۾ رهيو هو، ۽ هو ملڪ جي مزاج کي، خاص ڪري پنجاب جي مزاج کي چڱيءَ طرح سڃاڻي ٿو.

**سوال:** اوهانجي جواب مان اهو پتو پوي ٿو ته نعپ سنڌ ۽ پنجاب جي عوام جي مزاج کي نه سڃاڻي سگهي.

**جواب:** منهنجي ڳالهه اجا پوري نه ٿي آهي. هڪڙو نعرو ڏنو ويو - روٽي، ڪپڙا اور مڪان. اهڙي قسم جو ڍوڪي جو نعرو نعپ نه ڏنو، ۽ ڪيتري قدر ملي چڪو آهي- روٽي، ڪپڙا اور مڪان. اوهان به ڄاڻو ٿا. باقي نعپ جو سنڌ ۾ ڪامياب نه ٿيڻ جو سبب اهو هو ته اتي نه نعپ جي تنظيم هئي، نه ئي قيادت.

**سوال:** نعپ هڪ سوشلسٽ پارٽي آهي ، پر جڏهن هنجي حڪومت بلوچستان ۾ ٿهي ته هن نه سرداري نظام ختم ڪيو ۽ نه ئي انهيءَ جي خلاف جدوجهد ڪيائين.

**جواب:** مونکي اهو چوندي شرم ٿو اچي، شايد سنڌ جي پڙهيل لکيل طبقي جو حافظو خراب آهي. سرداري نظام کي مرعات جيڪي ڏنيون وينديون آهن، سا سينٽرل گورنمينٽ ڏيندي آهي. سرداري نظام کي جيڪي ملندو آهي، ايڪئي سو، ٽي سو، چار سو، وڌ ۾ وڌ ست سو. سو سينٽرل گورنمينٽ ڏيندي آهي. بلوچستان اسيمبلي ۾ سرداري نظام خلاف اسان قرارداد پاس ڪئي ، سينٽرل گورنمينٽ کي رڪمينڊ ڪيوسين، پر ان جي مخالفت پي- پي- پي جي نمائندن، سيف الله پراچه، غوث بخش رئيساڻي ۽ ڄام غلام قادر ڪئي. اسيمبلي جا منٽس اڄ به پيا آهن. سينٽرل گورنمينٽ جي آرڊر تي پريس ٽرسٽ جي اخبارن ان کي نه ڇپيو، پبلسٽي گهٽ ملڻ ڪري اوهانکي غلطفهمي ٿي. ڏوهه سينٽرل گورنمينٽ جو آهي، پر اوهان نعپ جو ٿا سمجهو.

**سوال:** سنڌ ۽ سنڌين سان تمام گهڻا ناحق ٿيا آهن. اسان زماني کان احتجاج ڪري رهيا آهيون ته ڪراچي ريڊيو ۽ ٽي وي تان سنڌي پروگرام لاءِ وقت وڌايو وڃي. پر اڃتائين سنڌي پروگرام نه وڌايو ويو آهي، انهيءَ لاءِ توهان بذات خود ڪهڙي ڪوشش

جو انٽرويو جيڪو B B-C ڏهن تان اوهان ٻڌو هوندو، جنهن ۾ هنڪي ڳالهائڻ جو ٽائيم به نه پيا ڏين ۽ سوال ڪري هڪدم انٽريشن پيش ٿي ۽ اها خبر پاڪستان ۾ جيڪا ايماندار صحافت آهي، تنهنجي ڪري ڪنهن به اخبار نه ڇپي. هن چيو هو ته: اسلامي سمٽ ڪانفرنس سان پاڪستان پنهنجي ستاويهن سالن جي پرڏيهي پاليسي کي بدلي ڇڏيو. اڄ ڏينهن تائين اسانجا ناتا ايران ۽ ترڪي ۽ سان هئا ۽ مسلمان ملڪن ۾ اهي ٻئي اسلامي ملڪ هئا، جن اسرائيل کي تسليم ڪيو. اسان اسرائيل کي تسليم ته نه ڪيوسين، پر اسانجا آر.سي.ڊي ۽ سينٽو سان ناتا هئا ۽ اهي به (ايران - ترڪي) هئا جن جا مفاد اسرائيل سان گڏجن پيا. هينئر پهريون دفعو اسانجي حڪومت اها پاليسي بدلائي آهي، پر اسين اهڙي اسٽيج تي پهتا آهيون جو پاڪستان جو اڌ حصو اسانکان جدا ٿي ويو. هن ننڍي ڪنڊ ۾ پاڪستان هڪ ننڍي رياست آهي. نه هنجو رسوخ آهي نه ايترو اثر آهي، جو هو ڪو اِفيڪٽو ۽ ليڊرشپ جو پارٽ پلي ڪري سگهي، اوپر پاڪستان جي عليحده ٿيڻ ڪانپوءِ هندستان جي مقابلي ۾. هينئر پاڪستان وري نئون خواب پيو ڏسي ته ايراني نار واري ايريا جي ليڊرشپ تي قبضو ڪيون، تنهنڪري (عرب) شيخن سان پاڪستان پنهنجا تعلقات وڌيڪ هموار ڪرڻ گهري ٿو، پر ايران چاهي ٿو ته هندوستان ڪانپوءِ هن خطي ۾ سندس طاقت آهي، تنهنڪري هن خطي ۾ هو ليڊرشپ ڪري. تنهنڪري ظاهر ظهور پاڪستان ۽ ايران جا تعلقات ايترا خوشگوار ناهن. اهو ايران جنهن ٦٥ ۽ ٧١ جي جنگ ۾ پاڪستان کي پنهنجا جهاز ۽ بارود ڏنو ته هندستان جي خلاف استعمال ڪريو، اهوئي ايران گذريل هفتي جي ٽائيم ميگزين ۾ انٽرويو ڏيندي چوي ٿو ته: we have got very warm Relations with India. ايران جو وزير خلعت باري هندستان ۾ چوي ٿو ته: 'اسانکي هاڻي يقين ٿي ويو آهي ته هندستان پاڪستان کي ٽوڙڻ نٿو گهري، تنهنڪري اسانجا هندستان سان وڏا گهرا ناتا آهن.' هينئر هندستان ۽ ايران ليڊرشپ وٺڻ ٿا چاهين.

**سوال:** روس جا ڪڏهن به پاڪستان سان سٺا تعلقات نه رهيا آهن

پر نعپ کي هميشه ’روس نواز‘ سڏيو وڃي ٿو. اوهانجو ان باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟

**جواب:** اهو لقب روس نواز، ڪافي عرصي کان مشهور آهي. ڪنهن وقت روس جا ايجنٽ به چيو وڃي ٿو. مون جڏهن نعپ ۾ بهرو وٺڻ شروع ڪيو ته مونکي اهو ڏسي تعجب ٿيو ته نعپ کي جيڪي طاقتون ڪچلڻ ٿيون (روس) انهن جي حمايت ٿو ڪري. بلوچستان ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو آهي ۽ جيڪي مجاهد اتي شهيد ٿيا آهن. روسي حڪومت جي سرڪاري پريس هڪڙو لفظ به ان لاءِ نه چيو آهي. نعپ جي پهرين لفظ تي زور ڏيو — ’نيشنل‘ اها نه روس جي ايجنٽ آهي ۽ نه آمريڪا جي ۽ نه ئي هندستان جي. هي Pure and simple National Party آهي. ۽ پروگرام به اسانجو نيشنل ڊيموڪريسي آهي.

**سوال:** سنڌ ۽ نعپ جا مفاد جيڪڏهن پاڻ ۾ ٽڪرائجي پون ته اوهان ڪنهنجو ساٿ ڏيندا؟

**جواب:** سنڌ جا مفاد ۽ نعپ جا مفاد پاڻ ۾ ڪڏهن به ٽڪرائجي نٿا سگهن، بلڪ نعپ ئي هڪڙي اهڙي پارٽي آهي جيڪا سنڌ جي مفاد کي سپورٽ ڪري سگهي ٿي. ٻي ڪنهن به پارٽي وٽ اهڙو پروگرام ئي ڪونهي.

**سوال:** مثال طور اينڊز اليڪشن يا ان کانپوءِ جي اليڪشن ۾ پوري پاڪستان ۾ ون پارٽي جي حيثيت سان اچو ٿا نه ظاهر آهي پنجاب جا مفاد هميشه اسانکان مخالف رهيا آهن ۽ جيڪڏهن پنجابين جو دٻاءُ نعپ تي پوي ته پوءِ اوهان ڪنهنکي سپورٽ ڪندا؟

**جواب:** جنهن وقت پنجاب نعپ کي چونڊيندو ته پنجاب خود چوندو ته اسانکي صوبائي خودمختياري گهرجي، سينٽر کي اهڙا اختيار نه ملن، سيڪيولر اسٽيٽ هجي ۽ ملڪ ۾ جمهوريت هجي. جيڪڏهن پنجاب جو عوام نعپ کي چونڊي ته هن ملڪ ۾ ڪڏهن به سنڌي پنجابي، سنڌي، مهاجر جي ٽڪر ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿيندو.

**سوال:** پٽي صاحب، جي-ايم سيد لاءِ چيو آهي ته عوام هنکي ٺڪرائي ڇڏيو آهي. اوهانجو اِن باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟

خوش رهندي ته پاڪستان به خوش رهندو. اسين هن دنيا جا انسان آهيون، اسانجون نيڪ تمنائون سڄي دنيا لاءِ هئڻ گهرجن. اسين پنهنجو ڪردار ۽ عمل اهڙو رکون جنهن سان ڪنهنجو به استحصال نه ٿئي. اهڙا جرئتمند ۽ آئيڊيل نوجوان سنڌ ۾ پيدا ٿين، جو پيا اسانکان سبق سکن. سنڌي نوجوانن جيڪي قربانيون ڏنيون آهن، مان چوندس ته اهي سونهري لفظن ۾ لکيون وينديون. جن نوجوانن کي سياست سان دلچسپي آهي، اهي اسانجي پارٽيءَ جي موقف کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن، منهنجو ساٿ ڏين. انهن جيڪي قربانيون ڏنيون آهن، اسين کين انهيءَ جو فائدو وٺي ڏئي سگهنداسين.

---

## جميل الدين عاليءَ جو دوهو.

جسے یہ چھولیں بنے وہ سونا آپ یہ خالي ہاتھ
’عالی جي‘ کا نام پڑا ہے مرزا پارس ناتھ.

▲ واقعي عالي صاحب، جڏهن کان اوهين نيشنل بينڪ آف پاڪستان جا وڏا آفيسر ٿيا آهيو، جنهن به اخبار يا رسالي کي ڇُهو ٿا، اُهو نيشنل بينڪ جي اشتهارن ذريعي ’سونو‘ بڻجيو وڃي. پر نه ڄاڻ ڇو، اها سعادت گهڻي ڀاڱي فقط اردو رسالن ۽ اخبارن کي حاصل ٿئي ٿي!

اسانکي مستقبل جا حسين خواب ڏيکاريا هئا، اڄ اهي وقت سان ناهه ڪيو ويٺا آهن، اسانجي خوابن کي چڪنا چور ڪري ڇڏيو اٿن. انهن ڪهاڻيون لکي، ڪهاڻين ۾ نعري بازي ڪري، پنهنجي قوم سان فراڊ ڪيو اٿن. اسانکي هاڻي سوچڻ گهرجي ته اهو سڀ فراڊ هو. اڄ انهن جا ضمير مري ويا آهن. توهان سڀ طارق جا دوست هئا، جليل کي ته طارق پنهنجو ڀاءُ سڏيندو هو، اڄ ڀائر به خاموش آهن، نوڪرين بچائڻ لاءِ يا پئسا ڪمائڻ لاءِ؟

— نسرين جتوئي، صنوبر جتوئي. حيدرآباد، سنڌ

■ سهڻي ئي واحد رسالو آهي، جيڪو سنڌين جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي. ڪاميابي يا ناڪاميابي اها ٻي ڳالهه آهي، پر گهٽ ۾ گهٽ حقيقتون ته بروقت آئيني وانگر سامهون آڻي ٿو. جيڪي ڪجهه رسالو لکي ٿو سؤ سيڪڙو سچ تي مبني آهي، هاڻي اچو ته توهانکي ايسوفرٽيلائيزر جو سير ڪرايان. هتي ٽوٽل ورڪر ٣٠٠ آهن، جن مان فقط ٥٠ کن لوڪل آهن، باقي پٺيوالي ڪان وٺي آپريٽر تائين ٻئي صوبي ڪان آيل آهن ۽ اڃا تائين ايندا رهن ٿا. پٺيوالا، پورن ڀرڻ وارا Non-skilled ورڪر، ڪلارڪ، اسٽينو، لئباريٽري ٽيڪنيشن، هيلپر سڀ ٻئي صوبي ڪان Import ٿيل آهن. ڇا سنڌ ۾ مزدور يا ڪلارڪ به ڪونه آهن؟ جيئن ته فيڪٽري ۾ پنجاب جا آفيسر آهن، ان ڪري اهي پنهنجن ڀائرن، سوٽن، ماسانن ۽ ٻين عزيزن کي ڳوٺائي ڪمپني ۾ ملازم ڪرائين ٿا. سنڌي يا ڪراچي جا باشندا جيئن ته لاوارث آهن، انڪري انهنکي ڪو به حق ناهي ته هن فئڪٽري ۾ ملازم ٿي سگهن. ها البت جڏهن فئڪٽري خراب ٿي پوندي آهي ۽ تمام مشڪل ڪم ٿي پوندو آهي ۽ آفيسر پنهنجي عزيزن کي تڪليف ڏيڻ نه چاهيندا آهن، تڏهن البت روزانو ويجز تي سنڌي پائيپ فٽر وغيره ڪمپني ڪٺندي آهي. ۽ پوءِ جيئن ڪم پورو ٿيندو آهي ته انهن کي جواب ملندو آهي ته جائو اب همارے پاس جگه نهين هے. ان مان توهان خود اندازو لڳايو ته جڏهن فئڪٽريءَ جي خراب ٿيڻ وقت ڏاڍيا

# هن پرچي جا ليکڪ

**ناصر مورائي**، پورو نالو سيد ناصر علي شاهه ٥٧-١٩٥٨ع کان ڪهاڻيون لکي رهيو آهي. سندس ڪهاڻيون ’روح رهاڻ‘، ’نئين زندگي‘، ’انسان‘ کان علاوه ’سهڻيءَ‘ ۾ به ڇپيون آهن، ڪجهه سال اڳ سندس ناولٽ ’راتيون جاڳڻ جي‘ پڻ ڇپيو هو. سپرنٽنڊنٽ جيل جو امتحان پاس ڪرڻ کانپوءِ به نوڪري نه مليس، اڄڪلهه ڪراچي ريڊيو ۽ ٽي-ويءَ تي ڪم ڪندو آهي.

**نجم عباسي**، پورو نالو نجم الدين، ذات عباسي، پيشو ڊاڪٽر. رهائش حيدرآباد ۾. ١٩٤٦ع کان ڪهاڻيون لکي رهيو آهي. سندس ڪهاڻين جا مجموعا ’طوفان جي تمنا‘ ۽ ’پٿر تي ليڪو‘ شايع ٿي چڪا آهن گهڻي ڀاڱي سنڌيءَ جي سڀني رسالن ۾ سندس ڪهاڻيون شايع ٿي چڪيون آهن.

**ٻيدل مسرور بدوي**، سنڌيءَ ۾ ايم.اي ڪيل اٿس. شڪارپور ۾ رهي ٿو. سندس ڪهاڻيون مختلف رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيون آهن. سهڻيءَ ۾ سندس هيءَ ٻي ڪهاڻي آهي.

Gul Hayat Institute

**الطاف شيخ**، موجوده وقت جي مشهور ليکڪن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو. کيس شهرت سندس سفرنامن جي ڪري ملي آهي. ’منهنجو ساگر، منهنجو ساحل‘، ’پيار جي ڳُهٽ‘ ’سمونڊ جي ساٿيهه‘ ’سمونڊ جي سوين‘ ۽ ’وايون وڏجارن جون...‘ سندس مشهور ڪتاب آهن. نيشنل شپنگ ڪارپوريشن ۾ انجنيئر آهي.

سنڌيءَ جي برک ليکڪ

## الطاف شيخ

جي نون سفرنامن جو نئون مجموعو

# وايون وڏڄارن جون....

- هانگ ڪانگ جي پراسرار راتين جا رنگين داستان
- پوڙهين جوانين جون رنگين ڪهاڻيون
- هانگ ڪانگ ۾ سنڌي ثقافت
- هانگ ڪانگ ايشيا ۾ انگريزن جي آخري ڪالوني

الطاف شيخ جي پهرين سفرنامن کان وڌيڪ دلچسپ ۽ وڻندڙ
ٻه سؤ کان مٿي صفحا، ڇهن رنگن ۾ تمام سهڻو ٽائيٽل.

قيمت: ٥ رپيا، اڇي ڪاپي: ١٠ رپيا

سنڌ جي هر بڪ اسٽال تان خريد ڪري سگهو ٿا.

Gul Hayat Institute

يا

گهرائڻ لاءِ لکو:

**محمد عبدالڪريم**
نيوز پيپر ايجنٽ
٤ — گهٽي پڪو قلعو
حيدرآباد، سنڌ

**سهڻي پبليڪيشن**
الهندو ڪڇو
حيدرآباد، سنڌ

NE 1974 MONTHLY **SOHNI** HYDERABAD, Vl-5, NO.6
IONE- 26195 Reg. NO.S-2860

هن سال شاندار نموني سان

ماهوار

# سُهڻي

جي پاران شايع ٿي رهيو آهي

# نسيم کرل نمبر

- نسيم احمد کرل جو شمار موجوده وقت جي مشهور ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو.

- نسيم احمد کرل سنڌي زبان کي بهترين ڪهاڻيون ڏنيون آهن. سندس ادبي خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ سهڻيءَ پاران ’نسيم کرل نمبر‘ پيش ڪري رهيا آهيون.

Gul Hayat Institute

هن نمبر ۾

- پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، تنوير عباسي، آغا سليم، قمر شهباز، غلام نبي مغل، نجم عباسي، تاج بلوچ، شمشيرالحيدري، اِمداد حسيني، پيربخش پياسي ۽ ناصر مورائي کان علاوه ٻين وڏن توڙي ننڍن اديبن جا نسيم جي شخصيت ۽ فن تي لکيل مضمون. تنهن کان علاوه

- نسيم جون چاراڻ ڇپيل ڪهاڻيون. ڏهه چونڊ ڇپيل ڪهاڻيون، سندس لکيل مضمون، سندس لکڻين جي مڪمل فهرست طويل انٽرويو، ۽ سندس مختلف وقتن جون تصويرون